فيضانِ ربيع الاول

31 october 2019

هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن پريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

فيضانِ ربيع الاول

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، ڇوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي ويندیون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف ڪائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ ڪائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)

دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رحمت نشان آهي: توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي دُرُودِپاڪ پڙهي سينگاريو، ڇوتہ توهان جو مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ بروزِ قيامت توهان جي لاءِ نُور ٿيندو.

(جامع صغير، ص٢٨٠، حديث :٤٥٨٠)

اُٹھو ادب سے صلوٰۃ و سلام پڑھتے ہیں اب آیا وقتِ وِلادت نبی کی آمد ہے
پڑھو سلام کرو ڈوب کر محبّت میں دُرُودِ پاک کی کثرت نبی کی آمد ہے
کرم کے در ہیں کھلے جھوم کر برستی ہے خدائے پاک کی رحمت نبی کی آمد ہے
(وسائلِ بخشش مرمّم،ص۴۶۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني ڳُل: (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڏِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَنڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! اُذکُرُوا اللّٰہ , تُوبُوا اِلَی اللّٰہ! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ربيع الاول اسلامي سال جو ٽيون مهينو آهي، اهو مهينو فضيلتن، سعادتن، رحمتن ۽ ربّ ڪريم جي نعمتن جو مجموعو آهي،

عاشقانِ رسول هن مبارڪ مهيني ڪي ماهِ ميلاد جي نالي سان بہ ياد ڪندا آهن، ڇوتہ اها پاڪ ذات جن ڪي اللہ ڪريم تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو، جن جي خاطر ڪائنات ڪي سجايو ويو، اهو عظمتن وارو نبي، خاتَمُ النّبيين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهيءَ مبارڪ مهيني ۾ دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا، هن مهيني ڪي سيئي فضيلتون، سعادتون ۽ برڪتون نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت جي صدقي نصيب ٿيون، انهيءَ مناسبت سان اڄ جي بيان ۾ اسان ان مبارڪ مهيني جون فضيلتون ۽ برڪتون، بزرگ سڳورن جي ميلاد ملهائڻ جا واقعا، هن مهيني ۾ ڪيا ويندڙ نيڪ عمل ۽ اسان ڪي هن مهيني ڪي ڪهڙي انداز ۾ گذارڻ گهرجي؟ هن بابت نڪتا پڻ ٻڌنداسين، اللہ پاڪ اسان ڪي سڄو بيان سنين نيتن ۽ مڪمل توجهہ سان ٻڌڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ربيعُ الاول جي مهيني ڪي ايتريون فضيلتون ڇو مليون، حضرت امام زڪريا بن محمد بن محمود قزويني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي اهو مبارڪ مهينو آهي جنهن ۾ اللہ پاڪ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وجودِ مَسعود جي صدقي دنيا وارن تي ڀلائين ۽ سعادتن جا دروازا کولي ڇڏيا آهن، انهيءَ مهيني جي ٻارهين تاريخ جو رسولُ اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت ٿي.
(عجائب المخلوقات، ص۶۸)

ربیعِ پاک تجھ پر اہلسنّت کیوں نہ قرباں ہوں
کہ تیری بارہویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

(قبالۂ بخشش،ص۳۷)

”رَبيعُ الاوّل“ ڇوڻ جو سبب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً جيڪا سعادت ربيع الاول جي حصي ۾ آئي آهي اها ٻي ڪنهن مهيني ڪي نصيب ناهي ٿي. ربيع الاول جي معنيٰ ڇا آهي،

اچو ٻڌون ٿا: ربيع چوندا آهن بهار جي موسم کي يعني سيءَ ۽ گرمي جي وچ واري جيڪا موسم هوندي آهي ان کي ربيع چوندا آهن. اهلِ عرب موسمِ بهار جي ابتدائي زماني کي ”ربيعُ الاوّل“ چون ٿا، هن موسم ۾ ڪُنيي (برسات ۾ نرم ڪاني جي پسڻ سان ڇٽي جيان هڪ گاهه ڦُٽي پوندو آهي ۽ هن کي ڪنيي چيو ويندو آهي.) ۽ گل پيدا ٿيندا آهن ۽ جنهن وقت گلن جي پيداوار ٿيندي آهي انهن ڏينهن کي ربيعُ الآخر چوندا هئا. جڏهن مهينن جا نالا رکيا ويا تہ صفر کان پوءِ ٻن مهينن کي انهيءَ ٻن موسمن جي نالي تي ربيعُ الاوّل ۽ ربيعُ الآخر جو نالو ڏنو ويو. (لسان العرب،١٤٣٥/١ ملخصاً)

ربيع الاول جو شان اهو آهي تہ انهيءَ مهيني ۾ ٻنهي جهانن جي سلطان، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت ٿي آهي، يقينًا حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهان ۾ شاهِ بحر وبَر بڻجي جلوه گر نہ ٿين ها تہ ڪا عيد، نہ عيد هجي ها، نہ ڪا شب، شبِ بَراءَت. بلڪ ڪون و مڪان جون سموريون رونقون ۽ شان ان جانِ جهان،محبوبِ رَحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن جي مٿي جو صَدقو آهي. هن مبارڪ مهيني جي ٻارهين تاريخ نهايت ئي سعادتن ۽ عظمتن واري آهي، ڇوتہ اسان جي پياري نبي، مڪي، مدني، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادتِ باسعادت سومر جي ڏينهن 12 ربيعُ الاوّل جو ٿي. (لطائف المعارف، ص١٠٤-مواهب اللدنية ، المقصدالاول، آيات ولادته---الخ، ٧٥/١)

اهو ئي سبب آهي جو هن ڏينهن عاشقانِ رسول پنهنجي حيثيت آهر محافلِ ميلاد ملهائيندا آهن ۽ اللہ ڪريم جي رحمتن مان حصو ماڻيندا آهن. اچو! انهيءَ مناسبت سان هڪ واقعو ٻڌون ٿا:

ملائڪن جا انوار

حضرتِ سَيدُنا شاهه وَلِي اللہ محدثِ دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان هڪ ڀيرو ان محفلِ ميلاد ۾ حاضر ٿيس، جيڪا مڪي شريف ۾ رَبِيعُ الاَوَّل جي ٻارهين تاريخ تي مولدُ النبي (يعني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت گاهه) ۾

منعقد ٿي، جنهن وقت ولادت جو ذڪر پڙهيو پئي ويو تہ مون ڏٺو تہ اوچتو ان مجلس مان ڪجهہ انوار بُلند ٿيا، مون انهن انوارن تي غور ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ اهي رحمتِ الٰهي ۽ انهن ملائڪن جا انوار هئا جيڪي اهڙين محفلن ۾ حاضر ٿيندا آهن. (سيرتِ مصطفٰي ،ص ٧٢-٧٣)

اے فَرِشيو مبارَک اے عَرِشيو مبارَک دونوں جہاں کے سروَر تشريف لا رہے ہيں
(وسائلِ بخشش مرمَّم،ص٣٠١)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ جشنِ عيد ميلادُالنبي جي محفل ۾ ربّ ڪريم جي رحمتن جو نزول ٿيندو آهي، اَنوارِ الٰهي جي برسات ٿيندي آهي، رحمت جا ملائڪ ميلاد شريف جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندا آهن ۽ ميلاد ملهائڻ وارن کي پنهنجي نوراني پرن سان گهيري وٺندا آهن، ميلاد شريف ملهائڻ وارن سان رب ڪريم خوش ٿيندو آهي ۽ ان تي پنهنجن انعامن ۽ نوازشن جي بارش بہ ڪندو آهي. يقيناً ميلاد شريف ملهائڻ، ميلاد جي مهيني ۾ پنهنجن گهرن، محلي جي گهٽين بلڪ پنهنجي گاڏين کي مدني پرچمن، جڳمڳ ڪندڙ ڦُمڦُمن، رنگ برنگي لائٽن سان سجائڻ، ربيع الاوّل جو چنڊ نظر ايندي ئي نيڪ عمل ۽ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ ۽ ميلاد شريف جي محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ اجر ۽ ثواب جو سبب ۽ مغفرت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن بہ سنتن ڀري اجتماع يا مدني مذاڪري ۾ حاضريءَ جي سعادت ملي تہ باادب انداز ۾ توجهہ سان ٻڌڻ جي عادت بڻايون. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

خليفہء مفتيء اعظم هند، محدثِ اعظم حجاز حضرت شيخ سيد محمد بن علوي مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: منهنجي والد حضرت سَيد عباس مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻڌايو: آئون بيتُ المقدس ۾ ٻارهين شريف جي رات محفلِ ميلاد ۾ شريڪ هئس، مون ڏٺو تہ هڪ پوڙهو شخص ابتداء کان وٺي آخر تائين انتهائي

ادب ۽ احترام سان بيهي محفل ميلاد ۾ شريڪ هو، جڏهن ڪنهن سڄي محفل بيهي ٻڌڻ جو سبب پڇو ته ان ٻڌايو ته هو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪرِ خير ٻڌڻ وقت تعظيم طور بيهڻ کي بدعتِ سيئہ (برو عمل) سمجهندو هيو. هڪ ڏينهن خواب ۾ ڏٺو ته هو هڪ تمام وڏي اجتماع ۾ شريڪ آهي ۽ ماڻهو نبي ڪريم، روٗفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو استقبال ڪرڻ جي لاءِ بيٺا آهن، جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد ٿي ته تمام ماڻهن اِنتهائي ادب ۽ اِحترام سان حُضُور جو استقبال ڪيو، پر اهو سندن جي تعظيم ۾ بيٺو نه هو، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي فرمايو: **"تون هاڻي بيهي نه سگهندين"** جڏهن ان جي اک کلي ته ان ڏٺو ته اهو ان وقت بہ ويٺل آهي. ان پريشاني ۾ هڪ سال گُذري ويو پر اهو بيهي نه سگهيو، آخرڪار ان اها باس باسي ته جيڪڏهن الله پاڪ مون کي ان مرض کان شفايابِ فرمايو ته مان محفلِ ميلاد شُروع کان آخر تائين بيهي ٻڌندس. ان باس جي برڪت سان الله پاڪ ان کي صحت عطا فرمائي، هاڻي ان جو اهو معمول ٻڌجي ويو ته هو سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۾ سڄي محفل بيهي ٻڌندو آهي. (الاعلام بفتاوي ائمة الاسلام حول مولده عليه السلام ص ٩٤)

تِرا نام لے کر جو مانگے وہ پائے ترا نام لیوا ہے پیارا خدا کا
تِرے رُتبہ میں جس نے چُون و چَرا کی نہ سمجھا وہ بدبخت رُتبہ خدا کا
(ذوقِ نعت،ص۵۸-۵۷)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ سيپاري 26 سورة فتح جي آيت نمبر9 ۾ فرمائي ٿو:

وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ ﴿۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ رسول جي تعظيم ۽ احترام ڪريو. (پ٢٦،الفتح:٩)

تفسيرِ صراط الجنان ۾ هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان لکيل آهي: معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حضور پرنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۽ توقير

انتهائي مطلوب ۽ بي انتها اهميت جي حامل آهي ڇوتہ هتي الله پاڪ پنهنجي تسبيح تي پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۽ توقير کي مقدم فرمايو آهي. ۽ جيڪو ماڻهو ايمان آڻڻ کانپوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ڪن ٿا، انهن جي ڪامياب ۽ بامراد هئڻ جو اعلان ڪندي الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ

وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْۤ اُنْزِلَ مَعَهٗۤ ۙ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۵۷﴾

ترجموڪنزالايمان: پوءِ جيڪي ان تي ايمان آڻين ۽ سندس تعظيم ڪن ۽ ان جي مدد ڪن ۽ ان نور جي پيروي ڪن جيڪو ان سان گڏ نازل ٿيو اُهي بامراد آهن. (پ۹،الاعراف:۱۵۷) (تفسير صراط الجنان ،۳۴۷/۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ ميلاد! اسان ربيع الاول جي فضيلتن ۽ ان جي برڪتن جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين، ربيعُ الاوَّل جي عظمتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! ان کي ڪائنات جي سڀ کان وڌيڪ عظمت ۽ شان واري هستي، اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان نسبت آهي. انهيءَ نسبت هن مهيني جو شان وڌائي ڇڏيو آهي ۽ ان تاريخ کي ليلة القدر کان بہ افضل بڻائي ڇڏيو آهي، ڇوتہ هن مهيني ۾ ربّ ڪريم جي سڀ کان وڏي رحمت اسان گناهگارن کي نصيب ٿي، هن مهيني ۾ رب ڪريم پنهنجو محبوب اسان کي عطا فرمايو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هن رحمت تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريون، ان جي رحمت تي خوشيون ملهايون، ڇوتہ رحمتِ الٰهي ملڻ تي خُوشي ملهائڻ جو حڪم تہ الله ڪريم خود ارشاد فرمايو آهي، جيئن

سيپاري 11 سُوره يونُس جي آيت نمبر 58 ۾ اِرشاد آهي.

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾

(پ 11 يونس 48)

ترجمو كنزالايمان: تون فرماءِ الله جي فضل ۽ سندس رحمت تي جڳائي ته خوشي ڪن، اهو انهن جي سموري ڏن دولت کان بهتر آهي.

مشهور مفسّرِ قرآن، مُفتي اَحمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ الله عَلَيه هن آيت سڳوري جي حوالي سان اِرشاد فرمائن ٿا: اي مَحبُوب! ماڻهن کي اها خُوشخبري ڏيو ۽ اهو حڪم ٻه ڏيو ته الله جي فَضل ۽ ان جي رَحمَت مِلڻ تي تمام گهڻيون خُوشيون ڪيو. عام خُوشي ته هر وَقت ڪيو ۽ خُصُوصي خُوشي انهن تاريخن ۾ جِن ۾ اهي نِعمَتون مليون يعني رَمَضَان ۾ ته الله جو فضل"قرآن" آيو، رَبِيعُ الاَوَّل ۾ خُصُوصاً ٻارهين تاريخ جو رَحمَةٌ لِّلعَالَمِين يعني محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پيدا ٿيا. اهو فَضل ۽ رَحمَت يا اُن جي خُوشي ڪرڻ توهان جي دُنياوي جَمع ڪيل مال ۽ مَتَاع، پيسه، مَڪان، جائيداد، جانور، ٻني ٻاري بلڪ اَولاد وغيره سڀ کان بهتر آهي جو ان خُوشي جو نَفعو شخصي ناهي بلڪ قومي آهي. وَقتي ناهي بلڪ دائِمي آهي. صرف دُنيا ۾ نه بلڪ دِين ۽ دُنيا ٻنهي ۾ آهي. جِسماني ناهي بلڪ دِلي ۽ رُوحاني آهي. برباد ناهي بلڪ ان تي ثَواب آهي. (تفسيرِ نعيمي ،پ١١،يونس،تحت الآية:١١،٥٨/٣٧٨ملخصاً)

خُوشياں مناؤ بھائيو! سرکار آگئے سرکار آگئے، شہِ ابرار آگئے
سب جُھوم جُھوم کر کہو سرکار آگئے دونوں جہاں کے مالک و مختار آگئے
خُوشيوں کے لمحے آگئے دِيوانے جُھوم اُٹھے عيدوں کی عيد آگئی سرکار آگئے

(وسائلِ بخشش مرمم،ص٥١١)

سرڪار جي آمد...مرحبا سردار جي آمد ...مرحبا •• آمنه جي گل جي آمد ...مرحبا
رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا •• پياري جي آمد ...مرحبا ••
سچي جي آمد ...مرحبا •• سهڻي جي آمد ...مرحبا ••
مُختار جي آمد ...مرحبا •• مُختار جي آمد ...مرحبا •• مُختار جي آمد ...مرحبا
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ربيع الاول ۽ خاص ڪري هن مبارڪ مهيني جي ٻارهين تاريخ وڏي عظمت ۽ برڪت ڀري آهي، ڇوتہ انهيءَ ٻارهين تاريخ تي ڪفر ۽ شرڪ جون سيئي ظلمتون ختم ٿي ويون، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي هر پاسي روشني ئي روشني ٿي وئي، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي هر طرف خوشي ڇائنجي وئي، انهيءَ ٻارهين تاريخ جبريلِ امين عَلَيه السَّلام ڪعبي جي ڇت تي جهنڊو لڳايو، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي اِيران جي بادشاهہ ڪسريٰ جي محل تي زلزلو آيو، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي ان جي محل ۾ ڏار پئجي ويا، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي هڪ هزار سال کان ٻرندڙ آتش ڪدو خود بخود وسامي ويو. انهيءَ ٻارهين تاريخ تي الله پاڪ جي حڪم سان آسمان ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويا هئا. انهيءَ ٻارهين تاريخ تي شيطان جو منهن ڪارو ٿي ويو ۽ هي ئي اها ٻارهين تاريخ آهي جيڪا عاشقانِ رسول جي لاءِ عيدن جي عيد آهي. هي ئي اها ٻارهين تاريخ آهي جيڪا شبِ قدر کان بہ افضل ترين آهي، جيئن

حضرتِ شيخ عبدُالحق مُحَدِّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيشڪ سرورِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت واري رات شب قدر کان بہ افضل آهي، ڇو تہ ولادت واري رات سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن دنيا ۾ جلوه گر ٿيڻ جي رات آهي، جڏهن تہ شب قدر سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ڪيل رات آهي ۽ جيڪا رات ذات مقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظهور جي ڪري مشرف ٿئي اها رات ان رات کان وڌيڪ شرف ۽ عزت واري آهي جيڪا ملائڪن جي نازل ٿيڻ سبب مُشرَّف آهي. (مَا ثَبَتَ بِا لسُّنّة،ص١٥٣)

سَحابِ رحمتِ باری ہے بارہویں تاریخ — کرم کا چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیں تو جان سے پیاری ہے بارہویں تاریخ — عَدو کے دِل کو کَٹاری ہے بارہویں تاریخ
ہزار عید ہوں ایک ایک لَحظہ پر قُرباں — خُوشی دلوں پہ وہ طاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیشہ تُونے غلاموں کے دِل کئے ٹھنڈے — جلے جو تجھ سے وہ ناری ہے بارہویں تاریخ

حسنؔ وِلادتِ سرکار سے ہوا روشن مِرے خدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ
(ذوقِ نعت،ص۱۲۱-۱۲۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اسان کي گهرجي ته شريعت جي دائري ۾ رهندي خُصوصي اهتمام سان هن ڏينهن (ٻارهين شريف) ۽ خاص ڪري سڄي ربيع الاول کي ئي نيڪ اعمال ۾ گذاريون، هن مقدس مهيني ۾ فرض نمازن سان گڏوگڏ نفل نمازن جو اهتمام ڪريون، هن مقدس مهيني ۾ فرض نمازن سان گڏوگڏ تهجد جو اهتمام ڪريون، هن مقدس مهيني ۾ فرض نمازن سان گڏوگڏ اشراق ۽ چاشت جو اهتمام ڪريون، هن مقدس مهيني ۾ فرض نمازن سان گڏوگڏ صلوٰة الاوّابين جو اهتمام ڪريون. هن مقدس مهيني ۾ ڪثرت سان تلاوتِ قرآن ڪريون، هن مقدس مهيني ۾ خوب صدقو ۽ خيرات ڪريون، هن مقدس مهيني ۾ مسلمانن کي نيڪي جي دعوت ڏئي گناهن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪريون، هن مقدس مهيني ۾ مدني قافلن ۾ نه صرف پاڻ بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي به وٺي وڃون، دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اِجتماع ۽ خاص ڪري ربيع الاول شريف جي ابتدائي 12 ڏينهن ۾ ٽيڻ وارن مدني مذاڪرن ۾ شرڪت جي ڪوشش ڪريون. اچو! ربيع الاول شريف ۽ خاص ڪري ٻارهين تاريخ تي ٽيندڙ نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌون ٿا.

نفلي روزن جو اهتمام ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو انهن ڏينهن ۾ نفلي روزا رکڻ جو اهتمام ڪريو، ياد رکو! ساهه تي ڪوئي ڀروسو ناهي، خبر ناهي ڪڏهن اهي پساهه رُڪجي وڃن ۽ ان سان گڏ اسان جي عملن جو سِلسِلو بند ٿي وڃي. اسان کي نيڪين جو ڪو موقعو نه وڃڻ ڏيڻ گهرجي، الله ڪريم جي فَضل ۽ ڪرم سان زِندگي ۾ هڪ ڀيري ٻيهر ربيع الاول جو مُبارڪ مهينو اسان کي ڏسڻ نصيب ٿيو، ان جي هڪ هڪ ڏينهن جي قدر ڪندي خوب نيڪ اعمال ڪريو، ربِّ ڪريم جي

رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ، رحمتِ الٰهي جو حقدار بڻجڻ، بارگاهِ مصطفٰي ۾ ايصالِ ثواب پيش ڪرڻ جي نيت سان هن مهيني جي پهرين تاريخ کان ٻارهين تاريخ تائين 12 نفلي روزا رکو، خاص ڪري ٻارهين جو تہ روزو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريو، ڇوتہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر سومر شريف جو روزو رکي پنهنجو يومِ ولادت ملهائيندا هئا.

حضرت اَبُو قَتَادَه رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: حضور نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهِ ۾ سومر جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: انهيءَ ڏينهن منهنجي وِلادت ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن مون تي وَحي نازِل ٿي. (مسلم،كتاب الصيام،باب استحباب صيام ثلاثة۔۔۔الخ،ص۴۵۵،حديث:۲۷۵۰)

اي عاشقانِ رسول! يقيناً هڪ سچي عاشقِ رسول جي سڄاڻپ اها هوندي آهي جو اهو دنيا جي مَحَبَّت کان پيڇو ڇڏائي پنهنجي زندگي جي هر هر معاملي ۾ اِطاعتِ رسول کي پنهنجي عادت بڻائي ڇڏيندو آهي، ان جو هڪ مثال اميرِ اهلسنّت، حَضرتِ علّامہ مَولانا محمدالياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مبارڪ ذات بہ آهي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ٻارهين شريف ۽ خاص ڪري هر سومر شريف جو روزو رکندا آهن ۽ پنهنجي مُريدن ۽ مُحِبّن کي بہ هر سومر شريف جو روزو رکڻ جي ڀرپُور ترغيب ڏيارينداآهن. تنهڪري اسان کي گهرجي تہ يادِ مصطَفٰي ۾ نہ صرف پاڻ بلڪ پنهنجي گهروارن ۽ دوست رشتيدارن کي بہ ٻارهين شريف جو روزو رکڻ جي دعوت ڏيون ۽ ربّ ڪريم جي هن عظيم نعمت جو شڪر ادا ڪريون ۽ بارگاهِ مصطفٰي ۾ ايصالِ ثواب پيش ڪري دنيا ۽ آخرت جي برڪتن جا حقدار بڻجون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ڪثرت سان ذڪرِ حبيب ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم،رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت اسان جي ايمان جو بنياد آهي ۽ محبت جي هڪ نشاني اها آهي تہ محبوب جو

ڪثرت سان ذڪر ڪيو وڃي، روايت ۾ آهي: ”مَنْ اَحَبَّ شَيئًا اَكثَرَ مِنْ ذِكرِه“ يعني جيڪو ڪنهن سان محبت ڪندو آهي ان جو ڪثرت سان ذڪر ڪندو آهي. (جامع صغير، ص٥٠٧،حديث:٨٣١٢)

ائين تہ اسان کي سڄو سال ئي آقا ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪرِ خير ڪرڻ ۽ پنهنجي قول ۽ فعل جي ذريعي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت جو اظهار ڪرڻ گهرجي، پر خاص ڪري هي سلسلو هنن ڏينهن ۾ وڌيڪ هئڻ گهرجي ۽ ان ذڪر جو بهترين ذريعو نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودِ پاڪ پڙهڻ بہ آهي. ڇوتہ درودِپاڪ پڙهڻ جون بي شمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، مثال طور درودِ پاڪ جي برڪت سان دلين جي صفائي ٿيندي آهي. درودِ پاڪ جي برڪت سان رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي. درودِ پاڪ جي برڪت سان پل صراط تي آساني نصيب ٿيندي. درودِ پاڪ جي برڪت سان آقا ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت نصيب ٿيندي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هن بابرڪت مهيني ۾ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريون. اچو! گڏجي دعا ڪريون ٿا:

بچيں بے کار باتوں سے پڑھيں اے کاش کثرت سے ترے محبوب پر ہر دم درودِ پاک ہم مولیٰ

(وسائلِ بخشش مرمّم،

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

نفلن جي ڪثرت ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ربيع الاول ۾ ڪيا ويندڙ نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين، ربيع الاول ۾ الله پاڪ ۽ ان جي محبوب جو قرب ماڻڻ وارا عمل ڪريون، هن جو هڪ بهترين ذريعو نفلن جي ڪثرت بہ آهي، ان ڪري اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرائض ۽ واجبات سان گڏوگڏ نفلن جي بہ ڪثرت ڪندا هئا. اچو! ربيع الاول ۽ خاص ڪري ٻارهين شريف جي ڪجهہ نفلن جي باري ۾ ٻڌون ٿا: جيئن

(1) ربيعُ الاوّل جي پهرين رات نمازِ مغرب کان پوءِ ٻہ رڪعت نفل هن طرح پڙهو جو هر رڪعت ۾ سوره فاتحہ کان پوءِ ٽي ڀيرا سوره اخلاص (قُل هوَالله اَحَد) جي تلاوت ڪريو ۽ سلام کان پوءِ سؤ ڀيرا اهو درودِ پاڪ پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْن۔ (لطائف اشرفي، ٢/٢٣١۔جواهرخمسه، ص ٢١)

(2) ٻارهين تاريخ جو نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ ايصالِ ثواب پهچائڻ جي نيت سان ويهہ (20) رڪعت نفل پڙهو ۽ هر رڪعت ۾ سوره فاتحہ کان پوءِ ايڪويهہ (21) ڀيرا سوره اخلاص (قُل هُوَالله اَحَد) پڙهو. هڪ شخص هميشہ اهو نماز پڙهندو هو ان کي خواب ۾ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ٿي، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي رهيا هئا تہ اسان تو کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندا سين. (جواهرخمسه، ص ٢١)

اي عاشقانِ رسول ! اسان کي ٻہ فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ انهن نفلن کي ادا ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ نفل نمازن جا بيشمار فائدا ۽ برڪتون آهن، ❖ **نفلن جي** برڪت سان خُدا جي عابد ٻانهن ۾ شمار ٿيندو آهي. ❖ **نفلن جي** برڪت سان ربّ ڪريم جي محبت نصيب ٿيندي آهي. ❖ **نفلن جي** برڪت سان رِزق ۾ برڪت ٿيندي آهي. ❖ **نفلن جي** برڪت سان دشمنن جي شر ۽ فساد کان حفاظت نصيب ٿيندي آهي. ❖ **نفلن جي** برڪت سان موت جي سختي کان حفاظت نصيب ٿيندي آهي. ❖ **نفلن جي** برڪت سان شيطان جي وسوسن کان حفاظت نصيب ٿيندي آهي. ❖ **نفلن جي** برڪت سان قبر روشن ۽ ڪشادي ٿيندي آهي. ❖ **نفلن جي** برڪت سان قبر جنت جي باغن مان هڪ باغ بڻجي ويندي آهي. ❖ **نفلن جي** برڪت سان قيامت جي پريشانين کان نجات حاصل ٿيندي آهي.

عبادت ميں گزرے مِری زندگانی
کرم ہو کرم يا خدا يا الٰہی

مسلماں ہے عطّارؔ تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتِمہ یاالٰہی
(وسائلِ بخش مرمم،ص۱۰۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

مدني مذاکراءِ ميلاد جو جلوس

اي عاشقانِ ميلاد! ربيع الاول ۾ ٻيا نيڪ عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ ❖ هفتيوار مدني مذاڪري کان علاوه ربيع الاوّل جي پهرين تاريخ کان تيرهين تاريخ تائين مدني چينل تي ٽيڻ واري روزانه مدني مذاڪرن ۽ مدني مذاڪري کان پهريان جلوسِ ميلاد جو سلسلو ٿيندو آهي، ان ۾ شرڪت جي ضرور ڪوشش ڪريو. ❖ پنهنجي گهر ۾ خاص ڪري انهن مبارڪ ڏينهن ۾ "مدني چينل" هلائڻ جو اهتمام ڪريو ته جيئن گهر جا سيئي فرد فيضانِ ميلاد سان فيضياب ٿين. ❖ ربيع الاول جون خوشيون مدني چينل سان گڏ ملهايو. ❖ مدني مذاڪري جي ذريعي علمِ دين حاصل ڪريو، ❖ مدني چينل تي ڏيکاريا ويندڙ جلوسِ ميلاد ۾ مرحبايامصطفيٰ جون صدائون لڳائيندي، مدني پرچم کڻي جلوسِ ميلاد ۾ شامل ٿيو. ❖ ربيع الاول جي پهرين 12 ڏينهن ۾ خاص ڪري روزانو محفلِ نعت جو اهتمام ڪريو. ❖ ربيع الاول ۾ هر عاشقِ رسول جي گهر ۾ عام طور ۽ جامعة المدينہ (للبنين وللبنات) جي شاگردن ۽ شاگرڊياڻين ۽ مدرسة المدينہ (للبنين و للبنات) جي چوڪرن ۽ چوڪرين جي گهرن ۾ خاص طور چراغان ۽ سجاوٽ جو اهتمام هئڻ گهرجي. ❖ جڏهن به مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪريو ته سوال ۽ جواب لکڻ جو اهتمام ڪندا ڪريو، ان سان به علمِ ۾ اضافو ٿيندو.

12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "علائقائي دورو"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ربيع الاول جي برڪتن سان مالا مال ٿيڻ ۽ ربيع الاول جي حقيقي فيضان کي ماڻڻ ۽ خاص ڪري ٻارهين شريف کي نيڪين

۾ گذارڻ جي لاءِ اڄ ئي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 **مدني ڪمن** ۾ اڳتي وڌي حصو وٺو، ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **علائقائي دورو** به آهي، هن مدني ڪم جا بيشمار فائدا آهن، مثال طور "**علائقائي** دوري" جي برڪت سان مسجد آباد رهندي آهي، **علائقائي** دوري جي برڪت سان علائقي ۾ مدني ڪم ڦهلجي ٿو، "**علائقي دوري**" جي برڪت سان نوان نوان اسلامي ڀائر مدني ماحول جي ويجهو ٿيندا آهن، **علائقائي دوري**" جي برڪت سان ڪجهه **بي نمازين کي نمازي** بنائڻ جي سعادت نصيب ٿي سگهي ٿي. "**علائقائي دوري**" جي برڪت سان اميرِ اهلسنت جي دعائن مان حصو ملندو آهي. "**علائقائي دوري**" جي برڪت سان نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو موقعو ملندو آهي.

12 **مدني ڪمن** مان هفتيوار مدني ڪم "**علائقائي دوري**" جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي رِسالي "**علائقائي دوري**" جو مطالعو ڪريو، تمام ذِميدارانِ دعوتِ اسلامي، خاص ڪري **مجلسن جا نگران** ۽ **ارڪان** ته هن رِسالي جو لازمي مطالعو ڪن. هن رِسالي جي مطالعي جي برڪت سان اوهان کي خبر پوندي. ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو **شرعي حڪم** ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جون 13 **فضيلتون** ۽ **فائدا** ❖ **فروغِ علم** جو سبب ❖ **مسجدن** جي رونق جو سبب ❖ نيڪي جي دعوت کان پهريان جي دعا ❖ **علائقائي دوري** جا مدني گل ❖ **علائقائي دوري** جو طريقو ❖ **علائقائي دوري** جا آداب ❖ **علائقائي** دوري بابت **مرڪزي مجلسِ شوريٰ** جي مدني مشورن جا چونڊ مدني گل وغيره.

اچو! ترغيب لاءِ "**علائقائي دوري**" جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

مسجد آباد ٿي وئي

ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته اسان جو مدني قافلو پنجاب جي ڪنهن شهر جي مسجد ۾ پهتو. دروازي تي تالو لڳل هو، دروازو کوليو

تہ هر شيءِ تي مٿي ئي مٿي هئي، ائين پئي لڳو تہ جڻ ڪا وڏي عرصي کان مسجد بند هجي، اسان گڏجي صفائي ڪئي، نمازِ عصر کان بعد **علائقائي** دوري جي لاءِ راند جي ميدان ۾ پهتاسين ۽ راند ۾ مشغول نوجوانن کي نيڪي جي دعوت ڏني. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ڪيئي نوجوان هٿوهٿ اسان سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويا، مسجد ۾ اچي اسان سان گڏ نماز پڙهڻ ۽ سنّتن ڀريو بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، مسجد کي آباد ڪرڻ جي نيت ڪري ورتي. اهو منظر ڏسي اُتي موجود هڪ بزرگ روئڻهارڪو ٿي چوڻ لڳو، مان تہ هنن ماڻهن کي مسجد آباد ڪرڻ جو چوندو رهندو هيس، پر منهنجي ٻڌندو ڪير نہ هو؟ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اڄ عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۽ **علائقائي** دوري جي برڪت سان اسان جي مسجد آباد ٿي وئي.

نہ "نيڪي کی دعوت" ميں سُستی ہو مُجھ سے بنا شائقِ قافلہ يا الٰہی

(وسائلِ بخشش مرمّم،ص۱۰۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ربيع الاول جي فضيلتن ۽ برڪتن، هن مقدّس مهيني ۾ ڪيا ويندڙ نيڪ عملن بابت ٻڌي رهيا هئاسين، اسان جا بزرگ سڳورا تمام وڏي ادب ۽ احترام، عبادت ۽ رياضت ۽ اهتمام سان هن مبارڪ ۽ مقدّس مهيني کي گذاريندا هئا، هن مبارڪ مهيني ۾ خصوصيت سان نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ميلادشريف ملهائيندا هئا، خوب صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا، غريبن، تنگدستن ۽ لاچارن جي مدد ڪندا هئا، اچو! ميلادشريف ملهائڻ جو واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

ربيع الاول ۽ اربل جو بادشاهه

اِربِل جو بادشاهه جن جو نالو ابُو سعيد مظفر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هو، اهو عظيم فاتح سلطان صلاح الدين ايوبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ڀيٽويو هو، اهو بادشاهه ڏاڍو سخي، نيڪ

دل انسان ۾ عادل هئڻ سان گڏوگڏ عالم به هو، نهايت دلير ۽ ذهين هو. انهن پنهنجي وفات کانپوءِ ڪيئي سنيون يادگيريون ڇڏيون. هر سال ربيعُ الاول ۾ ميلاد شريف وڏي اهتمام سان ڪندو هو، تمام وڏي محفل جو اِنعقاد ڪندو هو. (البداية والنهاية،۱۸/۹ ملخصاً) ان محفل ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جو بيان آهي ته انهن محفلِ ميلاد ۾ پُڳل ٻڪرين جون پنج هزار منڊيون ڏنيون، 10 هزار ڪڪڙ، ڪيرٽي جا هڪ لک پيالا ۽ حلوي جا 30 هزار ٿال ڏنا، ڪيئي عُلماء ۽ صُوفيا محفلِ ميلاد ۾ شرڪت ڪندا هئا، بادشاهه (ابُو سعيد مظفر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) انهن کي قيمتي لباس پارائيندو هو، انعامات سان نوازيندو هو، اهي هر سال محفلِ ميلاد تي ٽي (3) لک دِينار خرچ ڪندا هئا، مهمانن جي لاءِ مهمان خانو هوندو هو، اهو هر سال ان گهر ۾ سالانو هڪ لک دِينار خرچ ڪندو هو، ٽيهه (30) هزار دِينار خرچ ڪري حَرَمَين شَرِيفَين جا رستا دُرُست ڪرائيندو هو، اهي صدقا انهن صدقن کان علاوه هئا، جيڪي پوشيده طور تي ڪيا ويندا هئا. (سبل الهدي والرشاد،۳۶۲/۱ بتغير قليل)

ربیعِ پاک تجھ پر اہلسنّت کیوں نہ قرباں ہوں
کہ تیری بارہویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

(قبالۂ بخشش، ص۶۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته اسان جا بزرگ سڳورا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم هن مبارڪ مهيني جو بيحد ادب ۽ احترام ڪندا هئا، هن مهيني ۾ خوب صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ميلادشريف ملهائيندا هئا، ياد رکو! ميلاد شريف ملهائڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن.

حضرت سَيّدنا امام عبدُالرّحمٰن ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جشنِ ولادت تي فرحت ۽ خوشي ڪرڻ واري جي لاءِ اها خوشي، جهنّم کان رُڪاوٽ بڻجندي.

اي اُمَّتِ محبوب! توهان جي لاءِ خوشخبري آهي توهان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪثير پلائين جا حقدار ٿيندا. حضرت سيدنا احمدِ مجتبيٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جشنِ ولادت ملهائڻ واري ڪي برڪت، عزت، پلائي ۽ فخر ملندو، موتين وارو عمامو ۽ سبز حُلّو پائي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو، بي شُمار محل ان کي عطا ڪيا ويندا ۽ هر محل ۾ حُور هوندي. نبي خيرُ الأنام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي خوب دُرُود پڙهو، جشنِ ولادت ملهائي ان کي خُوب عام ڪيو وڃي. (مجموع لطيف النبي في صيغ المولد النبوي القدسي،مولد العروس،ص٢٨١،ملتقطاً)

جشنِ ولادت ملهائڻ جو ثواب

حضرتِ سَيِّدُناشيخ عبدُالحق مُحَدِّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ولادت جي رات خوشي ملهائڻ وارن جي جزا هي آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي فضل ۽ ڪرم سان **جَنَّتُ النَّعِيم** ۾ داخل فرمائيندو، مسلمان هميشہ کان محفلِ ميلاد منعقد ڪندا آيا آهن ۽ ولادت جي خوشيءَ ۾ دعوت ڏيندا، ڪاڏا پچائيندا ۽ خوب صدقا ۽ خيراتون ڏيندا آيا آهن خوب خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن ۽ دل کولي خرچ ڪندا آهن ۽ سرڪارمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت با سعادت جي ذڪر جو اهتمام ڪندا آهن ۽ پنهنجن گهرن کي سينگاريندا آهن ۽ انهن تمام سنن ڪمن جي برڪت سان انهن ماڻهن تي الله تعاليٰ جون برڪتون نازل ٿيندیون آهن. (مَا ثَبَتَ با السُّنَّة،ص١٥٥ ملتقطًا)

تنهنڪري اسان کي بہ ڪپي تہ شريعت جي دائري ۾ رهندي خُصوصي اهتمام سان خُوشي خُوشي ان ڏينهن کي ملهايون، اجتماعِ ميلاد مُنعقد ڪيون، هٿن ۾ مدني پرچم کڻي، جلوسِ ميلاد ۾ وڃون، ان ڏينهن خُوب صدقو ۽ خيرات جي عادت بڻايون، اِنْ شَآءَالله ان جون خوب خوب برڪتون ملنديون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مجلس جامعة المدينہ آن لائن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ربيع الاول جي فيضان سان مالامال ٿيڻ، نيڪيون

ڪرڻ، گناهن کان هر دم بچڻ جي لاءِ عاشقانِ سول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي 107 کان وڌيڪ شعبن ۾ دينِ متين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي، انهن مان هڪ شعبو "**جامعة المدينہ آن لائن**" بہ آهي، جامعة المدينہ آن لائن تحت **آن لائن 4 سالہ درسِ نظامي ڪورس** ڪرايو ويندو آهي، درجي جو وقت روزانو تقريبا 1 ڪلاڪ آهي. **شعبہ آن لائن ڪورسز** جي تحت تقريباً 30 ڪورسز ڪرايا پيا وڃن جنهن مان ڪجهہ **ڪورسز جا نالا ۽ اجمالي تعارف** ٻڌو: **تفسير قرآن ڪريم** تي 2 طرح جا ڪورسز آهن هڪ جنهن ۾ سڄي قرآنِ ڪريم جو تفسير "**تفسير صِرَاطُ الجِنَان**" مڪمل پڙهايو ويندو آهي ۽ ان ڪورس جو نالو بہ "**تفسير صِرَاطُ الْجِنَان**" آهي، ان جي مدت ڪم و پيش 26 **مهينا** آهي. ٻيو ڪورس **فيضانِ تفسير** جي نالي سان آهي جنهن ۾ سڄي قرآنِ ڪريم جو تفسير اِجمالاً پڙهايو ويندو آهي، ان جي مدت تقريباً 92 ڏينهن آهي. **فيضانِ بهار شريعت ڪورس**: هن ڪورس ۾ عالم بنائڻ وارو ڪتاب **بهارِ شريعت** 12 مهيني ۾ تقريباً پورو پڙهايو ويندو آهي. **فقہ و عقائد ڪورس**: هن ڪورس جي مدت بہ 12 مهينا آهي، ان ۾ عقائد و فقہ جا مختلف ڪتاب پڙهايا ويند آهن ۽ فرض علوم سيکاريا ويندا آهن. **فيضانِ نماز ڪورس** ۽ **طهارت ڪورس**: هنن ٻنهي ڪورسن ۾ **نماز ۽ طهارت جا مسئلا** تفصيل سان پڙهايا ويندا آهن. انهن ٻنهي ڪورسن جي مدت 63 ڏينهن آهي. **فيضانِ حج ۽ فيضانِ عمره ڪورس**: زائرينِ حرمينِ طيبين جي لاءِ ڪيئي شاندار ڪورس آهن جنهن ۾ **حج ۽ عمري** جا تفصيلي احڪام ۽ طريقو سيکاريو ويندو آهي، هنن ڪورسن جي مدت تقريباً هڪ **مهينو ۽ روزانو درجي جو دورانيو تقريباً 30 منٽ آهي**. **نيو مسلم ڪورس**: اسلام قبول ڪرڻ واري نَوَنَ مسلمانن (New Muslims) جي لاءِ لاجواب ڪورس آهي، ان جي مدت 72 **ڏينهن** آهي.**سنت نڪاح ڪورس**: شادي شده ۽ غير شادي شده افراد جي لاءِ نهايت شاندار ڪورس آهي، جنهن ۾ نڪاح بابت مسائل، زال مڙس جا حق، گهر امن وارو ڪيئن بڻجي؟

۽ ٻيو گهڻو ڪجهه ڪورس ۾ شاملِ نصاب آهي، ان جي مدت 30 ڏينهن آهي.

هنن ڪورسز کان علاوه وڌيڪ هي ڪورس به ڪرايا ويندا آهن:مثلاً

❖ فيضانِ فرض علوم ڪورس ❖ تجهيزو تڪفين ڪورس❖ فيضانِ رمضان ڪورس ❖ فيضانِ زڪوٰة ڪورس ❖ فيضانِ تصوف ڪورس ❖ عربي گرائمر ڪورس ❖ فيضانِ شمائلِ مصطفي ڪورس ❖ احڪامِ قرباني ڪورس وغيره، ياد رهي هنن مان اڪثر ڪورسز جي درجي جو دورانيو روزانو 30 منٽ ۽ ڪجهه جو 1 ڪلاڪ آهي. علمِ دين جا خواهش مند عاشقانِ رسول جي لاءِ هنن ڪورسز جي ذريعي علمِ دِين حاصل ڪرڻ جو سنهري موقعو آهي. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڊيپارٽمنٽ (Department) جي آپشن (Option) ۾ وڃي مدرسة المدينہ آن لائن تان ان جو داخلہ (Admission)فارم پريو ۽ علمِ دين جو خزانو حاصل ڪريو.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تِری دُھوم مچی ہو

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۱۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

سینہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

هلڻ جون سُنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو تہ شَيخِ طَرِيقَت،اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي رسالي "163 مَدَني گل" مان هلڻ جون سُنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: ❖ سيپاري 15

سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي:

وَ لَا تَمْشِ فِی الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَ لَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ۔

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگهندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين .

❖ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: هڪ شخص بہ چادرون پائي تڪبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو. (صحيح مسلم ص 1156حديث 2088) ❖ رسولِ اڪرم،نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هلندا هئا تہ ايتري قدر اڳيان طرف جهڪي هلندا هئا جڻ تہ پاڻ مٿانهون ڪان هيٺ پيا لهن . (الشمائل المحمديه للترمذي ص 87 رقم 118) ❖ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي ڪناري ڪناري وڃڻي چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ڏسن تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو ❖ رستي تي هلندي بنا ضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنّت ناهي، هيٺِ نِگاهہ ڪري باوقار طريقي سان هلو. ❖ رستي تي بہ عورتون بينيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي. (ابوداود ،كتاب الادب،باب في مشي النساء مع الرجال في الطريق، ۴/۴۷۰،حديث:۵۲۷۳) ❖ ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيءِ سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو بہ انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دبن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن

جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَ الله! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو: **”قرآن پاڪ ۽ نعتِ مصطفٰي“** جنهن ۾ اسان حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت، فضيلتن ۽ برڪتن ۽ اهي خصوصيتون جيڪي قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيون ويون آهن، مثال طور قرآن ڪريم ۾ ڪٿي پاڻ کي **شفاعت ڪرڻ وارو** فرمايو ويو تہ ڪٿي پاڻ کي سِراجاً مُّنيرًا فرمايو ويو. ڪٿي پاڻ کي يٰس و طٰهٰ فرمايو ويو تہ ڪٿي پاڻ کي مزّمّل و مُدّثّر فرمايو ويو، مطلب تہ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جن بيشمار اوصاف ۽ خصوصيات سان نوازيو آهي انهن جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. لهٰذا! **آئنده جمعرات بہ** اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي زور سان چئو: اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

(1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بينل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

(4) چهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان چهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

(5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[2]

(6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

(2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي تي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305